# مديني جون برڪتون

سنڌي

- يثرب کي طيبه بڻائڻ وارو
- مديني جي خاڪ جون برڪتون
- جڏهن بخار حضور ﷺ کان اجازت ورتي
- حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ جو پسنديده درد



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **مدني جون برڪتون**

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1444ھ ، سيپٽمبر 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# مدني جون برڪتون

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

مديني جون برڪتون .................................. 1
دُرود شريف جو پرچو ڪم اچي ويو (واقعو) ...................... 1
عاشق اڪبر جي خدمت ۾ بخار جي حاضري .................... 1
يثرب کي طيبہ بڻائڻ وارا ................................ 3
مديني کي ھاڻي يثرب نہ چئي سگھون ...................... 3
بُخار اجازت گھري ...................................... 4
غلامن جي عيادت ...................................... 6
غوث اعظم بخار کي ڀڄائي ڇڏيو .......................... 7
بخارءِ طاعون ........................................... 7
ٻن روايتن ۾ مناسبت .................................... 8
جحفہ ڪاٿي آھي ....................................... 9
ڪاري رنگ واري عورت ................................... 9
بابرڪت بُخار ........................................... 10
مديني جي خاڪ جون برڪتون .............................. 10
سڄي سال جو بخار ھڪ ڏينھن ۾ ويندو رھيو ................... 11
بُخار گھري ورتو .......................................... 12
ھميشہ بخار ۾ رھڻ جي دعا ............................... 13
بخارءِ مٿي جي سور جو ثواب .............................. 13
پسنديدہ سورُ ............................................. 14

ڏهه ڏينهن بخار ۾ رهڻ واري جو شان ........................ 14
غوث پاڪ جو مريد بڇڻ ۾ دير نہ ڪيو ........................ 15
غوث و رضا جي ديواني جي مدني بهار ........................ 16

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# مديني جون برڪتون

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو”مديني جون برڪتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي پنهنجي پياري پياري سڀ کان آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سنتن جو پابند بڻاءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## دُرود شريف جو پرچو ڪم اچي ويو (واقعو)

قيامت جي ڏينهن ڪنهن مسلمان جون نيڪيون ميزان (يعني ترازو) ۾ هلڪيون ٿي پونديون تہ گنهگارن جي شفاعت فرمائڻ وارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ پرچي پاڻ وٽان ڪڍي ڪري نيڪين جي پلڙي ۾ رکي ڇڏيندا، ان سان نيڪين جو پلڙو وزني ٿي ويندو. اهو عرض ڪندو: منهنجا والدين اوهان تي قربان! اوهان ڪير آهيو؟ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمائيندا: مان تنهنجو نبي محمد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) آهيان ۽ هي اهو درود آهي جيڪو تو مون تي پڙهيو هو.

(موسوعہ ابن ابی دنیا، 92/1، حديث: 79 ملخصاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عاشق اڪبر جي خدمت ۾ بخار جي حاضري

بُخاري شريف حديث نمبر 3926 ۾ آهي: تمام مسلمانن جي پياري پياري امڙ سائڻ، حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: جڏهن آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هجرت (Migrate) فرمائي ۽ مديني پاڪ

تشريف ڪٺي آيا تہ حضرتِ ابوبڪر صديق ۽ (مؤذّنِ رسول) حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہُما کي بُخار تي پيو. مان انهن ٻنهيَ وٽ آيَس ۽ مون پنهنجي والدِ محترم کي عرض ڪيو: ”بابا سائين! توهان ڪيئن محسوس ڪري رهيا آهيو؟“ پاڻ هي شعر پڙهيائون:

كُلُّ امْرِئٍ مُصَبَّحٌ فِىْ اَهْلِهٖ     وَالْمَوْتُ اَدْنٰى مِنْ شِرَاكِ نَعْلِهٖ

ترجمو: هر شخص پنهنجي گهر وارن جي وچ ۾ صبح ڪندو آهي جڏهن تہ موت اُن جي جوتي جي ڪهي کان وڌيڪ ويجهو هوندو آهي.

۽ حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هيئن چون ٿا:

ترجمو: (1) ڪاش! مان وري ڪڏهن هڪ رات (مڪي جي) وادي ۾ گذاريان ۽ منهنجي چوڌطرف اِذخِر ۽ جَليل نالي گاهہ هجي. (2) ڪاش! پوءِ هڪ ڏينهن (مڪي ۾) مَجَنَّہ نالي مقام جي چشمي تي وڃان ۽ شامَّہ ۽ طَفيل نالي جبل ڏسڻ نصيب ٿين.

حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون: جڏهن مون سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ان جي باري ۾ عرض ڪيو تہ پاڻ هي دعا فرمائي: اَللّٰهُمَّ حَبِّبْ اِلَيْنَا الْمَدِيْنَةَ كَحُبِّنَامَكَّةَ اَوْ اَشَدَّ،وَصَحِّحْهَاوَبَارِكْ لَنَافِىْ صَاعِهَاوَ مُدِّهَاوَانْقُلْ حُمَّاهَا فَاجْعَلْهَا بِالْجُحْفَةِ يعني اي الله پاڪ! تون مديني کي بہ اسان جي لاءِ مڪي وانگر پيارو بڻاءِ بلڪ اُن کان بہ وڌيڪ ۽ اسان جي لاءِ مديني کي صحت وارو بڻائي ڇڏ. اسان جي لاءِ هتان جي صاع ۽ مُد (يعني ماپ تور جي پيمانن) ۾ بہ برڪت عطا فرماءِ ۽ بُخار کي هتان کان جحفہ

(هڪ مقام جو نالو) ڏانهن منتقل فرماءِ.“ (بخاری،601/2، حديث: 3926)

مدینہ اِس لیے عطارؔ جان و دل سے ہے پیارا
کہ رہتے ہیں مِرے آقا مِرے سرور مدینے میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## يثرب کي طيبہ بڻائڻ وارا

مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تشريف آوري کان پهريان، مدينو پاڪ وَبائن ۽ بيمارين جو گهر هو، پاڻ (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي قدم پاڪ اُتان جي وبائن (يعني بيمارين) کي کڍي اتان جي مٽي کي بہ شفا ڏيندڙ بڻائي ڇڏيو. (پيارا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) فرمائن ٿا: اسان جي مديني جي مٽي بيمارن کي شفا ڏيندي آهي. (وفاء الوفاء، 69/1۔ مرأة المناجيح، 178/2)

برادر اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنّت مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

نہ ہو آرام جس بیمار کو سارے زمانے سے
اُٹھا لے جائے تھوڑی خاک اُن کے آستانے سے

## مديني کي هاڻي يثرب نٿا چئي سگهون

اعليٰ حضرت امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مدينۂِ طيبہ کي يثرب چوڻ ناجائز ۽ ممنوع ۽ گناهہ آهي ۽ چوڻ وارو گنهگار آهي. رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: جيڪو مديني کي يثرب چئي اُن تي توبہ واجب آهي. مدينو طابہ آهي، مدينو طابہ آهي. (مسند امام احمد، 409/6، حديث: 18544۔ فتاویٰ رضویہ، 116/21)

علامہ مناوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن حديث مان معلوم ٿيو تہ مدينۂ طيبہ جو يثرب نالو رکڻ حرام آهي ڇوتہ يثرب چوڻ سان استغفار جو حڪم فرمايائون ۽ استغفار(توبهہ) گناھ کان ئي ٿيندي آهي. (التيسير شرح جامع الصغير، 424/2)

امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنھنجي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ جيڪو مديني کي هڪ ڀيرو ”يثرب“ چوي ان تي لازم آهي تہ بطور ڪَفّاري جي ڏھ ڀيرا ”مدينو“ چئي. (تاريخ ڪبير، 62/6، حديث: 8282) اعليٰ حضرت جي خليفي مولانا جميل الرحمٰن رضوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنھنجي نعتيہ ڪتاب ”قبالۂ بخشش“ ۾ ڪيتري تہ خوبصورت انداز ۾ مديني جو ذڪر فرمائن ٿا:

يارب مرے دِل ميں ہے تمنائے مدينہ — اِن آنکھوں سے دِکھلا مجھے صحرائے مدينہ
کيوں طيبہ کو يثرب کہوں ممنوع ہے قطعاً — موجود ہيں جب سيکڑوں اَسمائے مدينہ
ياد آتا ہے جب روضۂ پرنور کا گنبد — دِل سے يہ نکلتی ہے صدا ہائے مدينہ
ايسا مری نظروں ميں سما جائے مدينہ — جب آنکھ اُٹھاؤں تو نظر آئے مدينہ

بُلوا کے مدينے ميں جميل رَضوی کو
سگ اپنا بنا لو اِسے مولائے مدينہ

(قبالۂ بخشش، ص 233 تا 235)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بُخار اجازت گهري

حضرت بيبي اُمِّ طارق رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: الله پاڪ جا پيارا نبي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ سعد رَضِيَ اللهُ عَنۡه وٽ تشريف ڪٺي آيا ۽

گهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت طلب فرمائي، (سلام ڪيو) حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ خاموش رهيا، ٻيو ڀيرو ايئن ٿيو وري حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ خاموش رهيا، جڏهن ٽيون ڀيرو به حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ خاموش رهيا ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم واپس تشريف وٺي وڃڻ لڳا ته حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ مون کي موڪليو ۽ چيو: مون کي (حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي) جواب ڏيڻ کان ڪنهن شيءِ ناهي روڪيو بلڪ مان اهو چاهيو پئي ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اسان تي وڌيڪ سلام موڪلن، (يعني وڌيڪ سلامتي جي دعائن سان نوازن، [1] پوءِ حضرت بيبي اُمّ طارق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون: ايتري ۾ مون دروازي تي آواز ٻڌو ته ڪير اندر اچڻ جي اجازت گهري رهيو آهي پر نظر نٿو اچي، الله پاڪ جي عطا سان غيب جي خبرن ڏيڻ واري پياري پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايو: تون ڪير آهين؟ اُن عرض ڪيو: مان اُمّ مِلدوم آهيان (هي بُخار جي ڪنيت آهي) حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايو: توکي ڪا به خوش آمديد ناهي، تون قُبا وارن ڏانهن هليو وڃ. اُن عرض ڪيو: جي نيڪ آهي، پوءِ اهو قُبا ڏانهن هليو ويو. (دلائل النبوه للبيهقي، 158/6) هڪ روايت ۾ آهي ته جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اُن کان پڇيو ته تون ڪير آهين؟ ته اُن عرض ڪيو: مان بُخار آهيان، گوشت کائيندو ۽ رت پيئندو آهيان.

(فيض القدير،231/2، حديث: 1617)

(اُهو بُخار قبا وارن تي ڇهه ڏينهن ڇهه راتيون رهيو) انهن

---

[1] ... هي گهر ۾ داخل ٿيڻ جو سلام هو اُن جو جواب ڏيڻ واجب ناهي.

الله پاڪ جي رحمت واري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ بُخار جي باري ۾ عرض ڪيو ۽ انهن جو حال اهو هيو جو چهرا زَرد (يعني ڦڪا) ٿي چڪا هئا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪڏهن توهان چاهيو ته مان توهان جي لاءِ الله پاڪ کان دعا ڪيان ته هو هِن کي توهان کان پري ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن توهان چاهيو ته اُن کي رهڻ ڏيو جوته هي توهان جا باقي گناهه ڇاڻي ڇڏيندو؟ انهن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! پوءِ اُن کي رهڻ ڏيو.

(الترغيب و الترهيب، 153/4، حديث: 81)

## غلامن جي عيادت

غمزدن جا غم لاهڻ واري خوش اَخلاق آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (ڦُبا وارن جي عرض ڪرڻ تي) هڪ هڪ ڪري سندن گهرن ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن جي لاءِ عافيت جي دعا فرمائيندا ويا، جڏهن پاڻ واپس تشريف آڻڻ لڳا ته انهن مان هڪ عورت سندن پويان آئي ۽ عرض ڪيو: توهان کي اُن خدا پاڪ جو قسم جنهن توهان کي سچو نبي بڻائي ڪري موڪليو آهي! مان به انصارن مان آهيان توهان منهنجي لاءِ به اها ئي دعا فرمايو، جهڙي انصار (صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) جي لاءِ فرمائي آهي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪڏهن چاهين ته مان تنهنجي لاءِ دعا گهران ته الله پاڪ توکي عافيت عطا فرمائي ۽ جيڪڏهن چاهين ته صبر ڪر ته تنهنجي لاءِ جنت آهي هِن تي اُن عرض ڪيو: مان صبر ڪيان ٿي ۽ مان جنّت تي ڪنهن شيءِ کي ترجيح نه ٿي ڏيان. (الادب المفرد، ص 132، حديث: 502) الله ربُّ الۡعِزَّت جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب

مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اِجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا دُلہن بن کے نکلی دُعائے محمد
اجابت نے جھک کر گلے سے لگایا بڑھی ناز سے جب دعائے محمد

(حدائقِ بخشش، ص 66)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غوث اعظم بخارکي ڀڄائي ڇڏيو

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ اسان جي غوثِ اعظم حضرتِ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بيشمار ڪمالات سان نوازيو آهي جيئن ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ ابوالمعالي احمد بن يوسف بغدادي حنبلي آيو ۽ چوڻ لڳو ته منهنجي پٽ ”محمد“ کي پندرهن مهينن کا بخار ڇڏي ئي نٿو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: وڃي اُن جي ڪن ۾ هي چئو: ”اي اُمِ مِلدوم (هي بخار جي ڪنيت آهي) ! توکي عبدالقادر (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) فرمائن ٿا: منهنجي پٽ مان نڪري وڃ.“انهن جو چوڻ آهي ته مون اُن کي ايئن ئي چيو جيئن مون کي شيخ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حڪم ڏنو هو، ته ان ڏينهن کان پوءِ ڪڏهن بُخار نه آيو. بارگاهِ غوثيت مآب ۾ رهڻ وارن ان کان پن سالن کان پوءِ بار جي بُخار جي باري ۾ پڇيو ته ٻڌايائون اُن ڏينهن کان بخار ڪڏهن موٽي ناهي آيو. (بہجۃالاسرار، ص 153)

وَرَفَعْنَالَكَ ذِكْرَكَ کا ہے سایہ تجھ پر بول بالا ہے تیرا ذِکر ہے اُونچا تیرا

(حدائقِ بخشش،ص28)

## بخارءِ طاعون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمايو: حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ بخار ۽ طاعون کي وٺي آيو، مون بخار کي مديني ۾ روڪي ڇڏيو ۽ طاعون کي شام طرف موڪلي ڇڏيو. لهذا طاعون منهنجي اُمّت جي لاءِ شهادت ۽ ڪافرن تي عذاب آهي. (مسند امام احمد، 393/7، حديث: 20793)

## ٻن روايتن ۾ مناسبت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجدِ قبا شريف هاڻي مديني پاڪ ۾ داخل آهي جڏهن ته پهريان مسجدِ قبا مديني پاڪ ۾ داخل نہ هئي، مٿي بيان ٿيل حديثِ پاڪ ۽ هن روايت ۾ مناسبت بيان ڪندي حضرت جلالُ الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: (هڪ روايت ۾ آهي بُخار کي مديني کان قبا ڏانهن موڪليو ويو ۽ ٻي روايت ۾ آهي ته بخار کي مديني ۾ روڪي ڇڏيو) هتي حديثن ۾ تطبيق (يعني مناسبت بيان ڪرڻ) ضروري آهي ڇوته بظاهر هي حديث پهريان واري حديث جي مخالف ٿي لڳي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون تي هتي ٻہ ڳالهيون ظاهر ٿيون: (1) سڀ کان پهرين جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني پاڪ تشريف ڪٺي آيا ۽ پنهنجي مبارڪ دعا سان بخار کي ”جحفہ“ ۽ ”خُمّ“ ڏانهن منتقل فرمائي ڇڏيو ته ان جو جواب هي آهي ته جڏهن جبريل عَلَيْهِ السَّلَام هنن ٻنهي بيمارين کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پيش ڪيو ته ضرور هو ته مديني ۾ ڪا هڪ باقي رهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بخار کي اختيار فرمايو ۽ طاعون کي شام طرف موڪلي ڇڏيو ڇوته بخار جو نقصان طاعون جي مقابلي ۾ گهٽ آهي ان ڪري بخار مديني پاڪ حاضر ٿيو ۽ بيشڪ رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انتقال شريف کان پهريان بخار حاضري ڏني هئي ۽

اُمُّ المومنين حضرت بيبي عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا ڪي واقعهٔ اِفڪ ۾ بخار تي ويو هو ۽ صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي به بخار ٿيو هو پر طاعون ڪڏهن ڪنهن به وقت (مديني ۾) نه آيو اهو ئي سبب منهنجي نزديڪ وڌيڪ مضبوط آهي. (2) ۽ بيو سبب منهنجي نزديڪ هي آهي ته الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن بخار کي مديني پاڪ کان پري فرمايو ڇڏيو هو اهو هڪ خاص قسم جو بُخار هو جيڪو گهڻو هلاڪ ڪرڻ وارو هو تنهنڪري اُن کي جحفه ڏانهن منتقل فرمائي ڇڏيو هو. (ڪشف الغمی فی فضل الحمی، ص 5-6 ملخصاً)

## جحفه ڪاٿي آهي

حضرت علامه علي قاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جحفه مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ شام طرف آهي. جحفه جي معنيٰ آهي ٻوڏ جو وهڪرو، هتي هڪ ڀيرو زبردست ٻوڏ آئي هئي انهيءَ ڪري جحفه نالو پيو، اَصلي نالو "مهيعه" آهي ان کي"مهيعه" نالي هڪ شخص آباد ڪيو هو. (مرقات المفاتيح، 390/5، تحت الحديث: 2516)

## ڪاري رنگ واري عورت

صحابي ابنِ صحابي، جنتي ابن جنتي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُما فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مديني پاڪ جي باري ۾ خواب ڏٺو ۽ فرمايو مون هڪ ڪاري، وکريل وارن واري عورت ڏٺي جيڪا مديني مان نڪتي ايستائين جو مهيعه ۾ لَهي وئي، مون اُن جي تعبير هي ورتي ته مدينه منوره جي وبا مهيعه جي طرف منتقل ٿي وئي، مهيعه جحفه جو نالو آهي. (بخاری، 422/4، حديث: 7039)

هڪ روايت ۾ آهي تہ هڪ شخص مڪي کان مديني آيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُن کي ارشاد فرمايو: چا تو رستي ۾ ڪنهن کي ڏٺو آهي؟ ان عرض ڪيو: هڪ ڪاري رنگ جي عورت کي ڏٺو هيم، ارشاد فرمايائون: اهو بُخار هيو ۽ اهو اڄ کان پوءِ ڪڏهن بہ موٽي (مديني ۾) نہ ايندو. (شرح الزرقانی علی مؤطا،309/4، تحت الحديث: 1714)

## بابرڪت بُخار

امام سمهودي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هاڻي جيڪو بُخار مديني پاڪ ۾ موجود آهي اهو بيماري وارو بُخار ناهي بلڪ هي اسان جي رب جي رحمت آهي اسان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دُعا جي ڪري گناهن کي متائڻ وارو آهي. (فيض القدير،14/4، تحت الحديث: 4388)

اي عاشقانِ رسول! رحمتِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مديني پاڪ تشريف کڻي آيا تہ اسان جي پياري امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ ڪيترن ئي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي بُخار ٿي پيو، سردارِ مڪہ مڪرمہ، سرڪارِ مدينہ منوره صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دُعا جو اِهو اثر ٿيو جو اَڄ سڄي عرب شريف بلڪ ايئن کڻي چئجي تہ سڄي دنيا ۾ آبهوا جي حساب سان مدينو شريف ”بهترين جڳهہ“ آهي. بلڪ هتي جي تہ مٽي ۾ بہ شفا ۽ برڪت آهي.

## مديني جي خاڪ جون برڪتون

جذبُ القُلُوب ۾ آهي: اللہ پاڪ مديني پاڪ جي مٽي ۽ ميون ۾ شفا رکي آهي ۽ ڪيئي احاديث مبارڪ ۾ آيو آهي، مديني جي خاڪ ۾

هر مرض کان شفا آهي ۽ ڪجهه حديثن ۾"مِنَ الْجُذَامِ وَ الْبَرَصِ" يعني ڪوڙهه ۽ بَرَص کان شفا جو ذڪر آهي ۽ ڪجهه "حديثن" ۾ مديني جي هڪ خاص مقام "صُعَيب" (عوام ان جڳهه کي "خاڪِ شفا" سڏينديَ آهي) جو تذڪرو آهي ڪجهه روايتن ۾ آهي ته سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪجهه صحابہ کي حڪم فرمايو ته هُو هن خاڪ سان بخار جو علاج ڪن. بُزرگن کان ان خاص مقام "صُعَيّب" جي خاڪ مبارڪ سان علاج جون حڪايتون بہ ملن ٿيون. (جذب القلوب، ص 27 ملخصاً)

امام ابنِ بطّال رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو مديني پاڪ ۾ رهي اهو هن مٽي ۽ باغن ۾ اهڙي خوشبوء ماڻيندو جيڪا هن کان علاوه ڪاٿي بہ ناهي هوندي. (شرح الزرقانی علی مؤطا،308/4، تحت الحديث: 1714)

ڪوڑيوں کوڑھيوں کے لیے کوڑھ دُور اچھا چنگا وہ خاصہ بھلا کر چلے

## سڄي سال جو بخار هڪ ڏينهن ۾ ويندو رهيو

حضرت شيخ مَجدُالدّين فيروز آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجو غلام سڄو سال ُبخار ۾ مبتلا هيو، مون (مقام صُعَيب (يعني "خاڪِ شفا" وٽان) مديني جي خاڪ ڪنئي ۽ پاڻي ۾ (ٿورڙي) ملائي ڪري پياري، اَلحمُدلِلّٰہ انهيءَ ڏينهن شفاياب ٿي ويو. (جذب القلوب، ص 27) (افسوس! هاڻي اها مبارڪ جڳهه ڍڪي وئي آهي، ڪڏهن ڪڏهن عشّاق ڪوٽي ڪري "خاڪِ شفا" حاصل ڪري وٺندا آهن، پر انتظاميہ ڏامر وغيره وجهي ڪري وري بند ڪري ڇڏيندي آهي.)

اے خاکِ مدینہ ! تِرا کہنا کیا ہے تجھے قُربِ شاہِ مدینہ مِلا ہے
شَرَف مصطفٰے کے قَدَم چُومنے کا تجھے بارہا خاکِ طیبہ مِلا ہے

مُعَطّر ہے کتنی تُو خاکِ مدینہ　　کہ خوشبوؤں سے ذرّہ ذرّہ بسا ہے
لگاؤ تم آنکھوں میں خاکِ مدینہ　　کوئی اِس سے بہتر بھی سُرمہ بھلا ہے!
مریضو! اُٹھا کر کے خاکِ مدینہ　　کو لے جاؤ! اِس میں یقیناً شفاہے
مدینے کی مٹّی ذرا سی اُٹھاکر　　پیو گھول کر ہر مَرَض کی دَوا ہے
عقیدت سے خاکِ مدینہ بدن پر　　ملو تم ہر اِک دَرد کی یہ دَوا ہے
ہمیں موت خاکِ مدینہ پر آئے　　اِلٰہی! یہ تجھ سے ہماری دُعا ہے
مِری نَعش پر آپ خاکِ مدینہ　　چھڑکنا مرے ساتھیو! اِلتجا ہے
پسِ مرگ مولیٰ تُو مٹّی ہماری　　ملا خاکِ طیبہ میں یہ اِلتِجا ہے
بدن پر ہے عطّارؔ کے خاکِ طیبہ
پَرے ہٹ جہنّم تِرا کام کیا ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بَرڪت سان مدينو شريف بابرڪت بڻيو، هتان جو هلاڪ ڪندڙ بخار پري ٿيو ۽ هي شهر ”سلامتي وارو شهر“ بڻجي ويو، باقي عام بخار ۽ بيماري ڪي مديني ۾ رهڻ ڏنو چوته هي الله پاڪ جي رحمت سان گناهه ميٽي ۽ درجات ۾ اضافو ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڪجهه صحابهٰ ڪرام بخار جا فضائل ٻڌي ڪري تمنا ڪئي ته انهن کي به اها فضيلت حاصل ٿئي.

## بُخار گهري ورتو

حضرت اُبي بن ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: مون بارگاهِ رسالت ۾

عرض ڪيو تہ ”بُخار جو اجر و ثواب ڪيترو آهي؟“ ارشاد فرمايو: جيستائين بُخار ۾ ورتل شخص جا پير وچڙندا رهندا آهن ۽ پگهر ۾ شل رهندو آهي ان جي نيڪيون ملنديون رهنديون آهن. اهو ٻڌي ڪري مون بارگاهِ الٰهي ۾ دعا ڪئي:”اي پروردگار! مان توکان اهڙي بخار جو سوال ڪيان ٿو جيڪو مون کي تنهنجي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ، تنهنجي گهر جو حج ڪرڻ ۽ نماز باجماعت جي لاءِ مسجد نبوي ۾ وڃڻ کان رڪاوٽ نہ بڻجي.“ راوي چون ٿا:”پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي هر وقت بخار ئي رهندو هو.“ (معجم کبير، 200/1، حديث: 540)

## هميشہ بخار ۾ رهڻ جي دعا

جڏهن رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي ارشاد فرمايو: ”بخار گناهن جو ڪفارو آهي“ تہ حضرت زيد بن ثابت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هميشہ بخار ۾ رهڻ جي دعا ڪئي. جيئن تہ انتقال فرمائڻ تائين پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ تي بخار جي ڪيفيت طاري رهي (قوت القلوب، 49/2) ڪجهہ انصاري اصحابن عَلَیْهِمُ الرِّضْوَان بہ اها ئي دعا ڪئي تہ انهن تي بہ (وصال فرمائڻ تائين) بخار جي ڪيفيت طاري رهي. (قوت القلوب، 49/2) ربُّ الْعِزَّت جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## بخارِ ۾ مٿي جي سور جو ثواب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص کي مٿي جو سور ۽ بخار ٿيندو آهي ۽ ان جا گناهہ اُحُد جبل جيترا هوندا آهن، پوءِ جڏهن هي ان کان جدا ٿيندا آهن تہ ان جي گناهن مان هڪ ذرو بہ باقي

ناهي هوندو. (شعب الايمان، 176/7، حديث: 9903)

حڪيمُ الاُمّت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ٻيون بيماريون هڪ يا ٻن عضون کي ٿينديون آهن پر بخار مٿي کان پيرن تائين هر رگ ۾ اثرانداز ٿيندو آهي، لهذا هي سڄي جسم جي خطائن ۽ گناهن کي معاف ڪرائيندو آهي (مرآة المناجيح، 413/2)

هڪ روايت ۾ آهي: مومن پانهو بيماري ۾ مبتلا رهندو آهي ايستائين جو اها بيماري اُن کي گناهن کان پاڪ ڪري ڇڏيندي آهي. (شعب الايمان،166/7،حديث:9863)

## پسنديده سورُ

حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه ارشاد فرمايو: مون کي بُخار جي سور کان وڌيڪ ڪوبه سور پسنديده ناهي ڇوته هي انسان جي هر جوڙ ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ بيشڪ الله پاڪ هن جو اجر جسم جي هر عضوي کي ان جي درد(سور) جي مقدار برابر عطا فرمائيندو آهي. (مصنف ابن ابی شیبه،99/7، حديث: 10922)

## ڏهه ڏينهن بخار ۾ رهڻ واري جو شان

هڪ ٻي روايت ۾ آهي: جنهن کي ٽي ڏينهن بخار رهيو اهو گناهن کان ايئن نڪري ويو جيئن جهڙي ڏينهن پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان نڪتو هيو ۽ جنهن کي ڏهه ڏينهن بخار رهيو آسمان مان اعلان ڪيو ويندو آهي بيشڪ تنهنجا پويان گناهه بخشي ڇڏيا آهن پنهنجو عمل ٻيهر شروع ڪر. (كنز العمال،جزء: 3، 132/2، حديث: 6766)

## غوث پاڪ جو مريد بڻجڻ ۾ دير نہ ڪيو

چند سال پهريان جو واقعو آهي هڪ نوجوان عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو، چند ڏينهن بعد اُن جي شادي هئي جو اُن کي بخار اچي ورتو، بهرحال جيئن تيئن ڪري شادي ٿي وئي. وليمي جي تقريب ۾ اهو ويچارو بيمار ٿي پيو. شادي جي پنج يا ست ڏينهن کان پوءِ قضاءِ الاهي سان ان جو انتقال ٿي ويو ان وقت مدني چينل نہ هيو، اميرِ اهلِ سنّت جي آڊيو بيانن جون ڪيسٽون مڪتبة المدينہ تي هدیةً موجود هونديون هيون. اهو نوجوان اميرِ اهلِ سنّت جا بيان ڪثرت سان ٻڌندو هو ۽ آخري وقت ۾ بہ اميراهل سنت جو بيان هلائي رکيو هيو، اميرِ اهلِ سنت اُن جي گهر وارن سان تعزيت جي لاءِ ان جي گهر تشريف کڻي ويا تہ گهر جي ماڻهن ٻڌايو تہ هي توهان جو بيان باربار ٻڌندو ۽ توهان جي ذريعي حضور غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مريد ٿيڻ جي لاءِ پڪاريندو رهيو پوءِ ڪلمو ۽ استغفار ۽ توبہ ڪري اُن دم ڏني حوالي ڪيو. (آڊيو بيان: چار مدني گل) الله ڪريم! مرحوم جي بي حساب مغفرت فرمائي.

اي عاشقانِ رسول! حضورِ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مريد بڻجڻ ۾ نقصان جو ڪوبہ انديشو ناهي، فائدو ئي فائدو آهي جو الله وارن جي نسبت دُنيا ۽ آخرت ۾ فائدو پهچائيندي آهي. حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سلسلي ۾ شامل ٿيڻ جي برڪتن جو مطالعو ڪرڻ

جي لاءِ اميرِ اهلسنت جو رسالو ”مُنّي جو لاش“ پڙهو. باقي توهان جي ترغيب ۽ شوق جي لاءِ غوثِ پاڪ جي هڪ مريد جي اهڙي مدني بهار پيش ڪئي وڃي ٿي جو پڙهي ڪري توهان جهومي اٿندؤ ان شاءَ الله الڪريم.

## غوث و رضا جي ديواني جي مدني بهار

لانڍي (ڪراچي، پاڪستان) جي علائقي ۾ غوث پاڪ جو هڪ ديوانو رهندو هو جنهن جو نالو ”غلام نبي قادري“ هو، اهو مسلڪِ اعليٰ حضرت ۽ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نسبت تي وڏو مضبوط هو. هڪ ڀيري لانڍي ۾ اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي سنتن ڀريي بيان جي سلسلي ۾ اجتماع هو. غلام نبي قادري بُخار جي حالت ۾ گاڏين ۾ وڃي وڃي ڪري نيڪي جي دعوت جي ڌوم مچائي رهيو هو. جڏهن بيان جو وقت آيو ته اهو چادر ويڙهي ڪري بيان ۾ ويهي رهيو ٻن ڏينهن کان پوءِ اميرِ اهلِ سنّت کي اطلاع مليو ته اُن ديواني جو انتقال ٿي ويو آهي. آڌي رات جو ان جي گهر تشريف کڻي ويا، اميرِ اهلِ سنّت فرمائن ٿا: مون ڪيترين ميتون ڏٺيون آهن. پر هن جهڙو با رونق ۽ روشن چهرو ڪڏهن نه ڏٺو، گل وانگر ٽڙيل نوراني چهرو جيئن هاڻي ئي سُتو هجي. ڪيترن ئي عاشقانِ رسول جو بيان آهي ته لڳي ئي نه پيو ته هي ڪو مردو آهي بلڪ اهڙي آرام سان ليٽيل آهي جيئن ستل هجي. ان جي ميت جي چؤطرف اسلامي ڀائر نعتون پڙهي رهيا هئا. اميرِ اهلِ سنّت فرمائن ٿا: ايئن لڳي ٿو اهو بازي کٽي ويو آهي. الله ربُّ الْعِزَّت جي ان تي

رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

تمہیں لطف آ جائے گا زندگی کا ۔۔۔ قریب آکے دیکھو ذرا مدنی ماحول
سَنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَاللّٰه ۔۔۔ تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! ۔۔۔ صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مون کي هڪ اهڙي وسندي جي طرف(هجرت جو) حڪم ٿيو جيڪا تمام آبادين کي کائي ڇڏيندي(يعني سيني تي غالب ايندي) ماڻهو اُن کي ”يثرب“ سڏين ٿا حالانڪ هُو مدينو آهي، (اها وسندي) ماڻهن کي اهڙي طرح پاڪ ۽ صاف ڪندي جيئن بٺي لوهه کي صاف ڪندي آهي.

(بخاري، جلد1 ص617، حديث: 1871)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net